॥ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَه ॥

اَٿ پنڇموڌيايَهَه

اڌياءَ ٽئين ۾ ارجن سوال رکيو هو تہ ڀڳوان! جڏهن گيان يوگہ توهانکي سريشٽ مڃيل آهي تہ توهين مونکي ڀينکر ڪرمن ۾ ڇو ٿا لڳايو. ارجن کي نشڪام ڪرم يوگہ جي ڀيٽ ۾ گيان يوگہ ڪجهہ سولو پرتيت ٿيڻ لڳو ٿي، ڇو جو گيان يوگہ ۾ هارائڻ تي ديوتِوَ ۽ وجيہ سان اوچ پدوي واري استتي، ٻنهي طرفن ۾ لاڀ ئي لاڀ پرتيت ٿيو. پر هيلتائين ارجن چڱيءَ طرح سمجهي ورتو هو تہ ٻنهي راهُن تي، مارِگَنِ تي ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو (يوگيشور هن کي سنسي رهت ٿي تَتِوَ درشي مهاپرش جي شرن وڃڻ لاءِ بہ اُتساهت ڪري ٿو، ڇو جو سمجهڻ لاءِ اهو ئي هڪڙو آستان آهي) هاڻي ٻنهي راهن مان هڪ چونڊڻ کان پهرين اُن وينتي ڪئي-

अर्जुन उवाच

सन्न्यासं कर्मणां कृष्ण पुनर्योगं च शंससि।
यच्छ्रेय एतयोरेकनं तन्मे ब्रूहि सुनिश्चितम्।।१।।

ارجن اُواچ

”سَنِياسَمِ ڪَرِمَڻامِ ڪرشڻ پُنَرِ يوگَمِ چہَ شَنِسَسِي
يَڇِريہَ ايتَيوريڪَمِ تَنِمي بِرُوهي سُنِشِچِتَمِ (۱)

هي ڪرشڻ! توهان ڪڏهن سنياس ماڌيم سان ڪيل ڪرم جي ۽ ڪڏهن نشڪام درشٽي سان ڪيل ڪرم جي ساراهہ ٿا ڪريو. انهن ٻنهي مان هڪ جو چڱي پرڪار توهان جو نشچيہ ڇا ٿيو، جو پرم ڪلياڻ ڪاري هجي، اُهو مونکي منهنجي لاءِ

ٻڌايو. ڪٿي وڃڻ لاءِ توهان کي ٻہ رستا ٻڌايا وڃن ، تہ توهين سهوليت وارو رستو ضرور پڇندا. جيڪڏهن نٿا پڇيو تہ توهين وڃڻ وارا ڪونہ آهيو. ان تي يوگيشور ڪرشن چيو :

श्रीभगवानुवाच

सन्न्यासः कर्मयोगश्च निःश्रेयसकरावुभौ।
तयोस्तु कर्मसन्न्यासात्कर्मयोगो विशिष्यते।।२।।

شري ڀڳوان اُواچ

”سنياسَهہ ڪَرِمَ يوگَشِچہ نِهَشِريئَسَڪرا وُڀَئُو
تيوستُو ڪَرِمسنياساتِڪَرِمَيوگو وِشِشِيَتي (٢)

ارجن! سنياس ذريعي سان ڪيو ويو ڪَرم معنيٰ گيان مارگ سان ڪيو ويو ڪرم ۽ ”ڪَرِمَيوگَهہ“ نشڪام ڀاونا سان ڪيا ويا ڪرم - هي ٻئي پرم شريہ (ڀاڳ ۽ سک) ڏيڻ وارا آهن، پر انهن ٻنهي رستن سان سنياس توڙي گيان درشٽي سان ڪَيَلن ڪرمن جي ڀيٽ ۾ نشڪام ڪرم يوگ سريشٽ آهي. سوال سپاويڪ آهي تہ سريشٽ ڇو آهي؟

ज्ञेयः स नित्यसन्न्यासी यो न द्वेष्टि न काङ्क्षति।
निर्द्वन्द्वो हि महाबाहो सुखं बन्धात्प्रमुच्यते।।३।।

”گِيييَهہ سَ نِتِيَسنياسي يو نہ دويشٽي نہ ڪانڱِشِتي
نِرِدِوَنِدو هي مهاباهو سُکَمِ بَنِڌاتِپِرَمُڇِيَتي (٣)

مهاباهو ارجن! جو نہ ڪنهن سان ٻيائي رکي ٿو، نہ ڪنهنجي اڇا ڪري ٿو، هو سدائين سنياسي ئي سمجهڻ جي يوگي آهي، لائق آهي. چاهي هو گيان مارگ سان يا نشڪام ڪرم مارگ ۾ ئي ڇو نہ هجي، راڳ، دويش وغيره جهڳڙن کان رهت اُهو پرش سک-پوروڪ ڀَوَ-ٻنڌن کان مڪت ٿي ٿو وڃي.

साङ्ख्ययोगौ पृथग्बालाः प्रवदन्ति न पण्डिताः।
एकमप्यास्थितः सम्यगुभयोर्विन्दते फलम्।।४।।

”سانکييوگئوُ پرِٿگِبالاها پرَوَدَنِتي نہ پَندِتاھہ
ايڪَمَپياسِٿِتَھہ سَمِيَگُيَيور وَندَتي ڦَلَمِ (۴)

نشڪام ڪرم يوگہ توڙي گيان يوگہ انهن ٻنهي کي الڳہ الڳہ ٻڌائين ٿا، جن جي سمجهہ هن ۾ پَٽَ اجا ڏاڍي هلڪي آهي نہ ڪِ پورڻ گياتا پنڊت لوگہ؛ ڇاڪاڻ ٻنهي مان هڪ ۾ بہ چڱيءَ طرح اسٿت ٿيل پرش ٻنهي کي ڦل روپ پرماتما کي پراپت ٿيندو آهي. ٻنهي جو ڦل هڪڙو ئي آهي، تنهنڪري ٻيئي هڪ سمان آهن.

यत्साङ्ख्यैः प्राप्यते स्थानं तद्योगैरपि गम्यते।
एकं साङ्ख्यं च योगं च यः पश्यति स पश्यति।।५।।

”يَتِسانِگئيِھہ پراپِيتي سِٿانَمِ تَدِيوگئيِر پِي گَمِيَتي
ايڪم سانِکيَمِ چہ يوگَمِ چہ يَھہ پِشيتي سَ پَشِيتي (۵)

جتي سانکيہ درشٽيءَ سان ڪرم ڪرڻ وارو پهچي ٿو، اُتيئي نشڪام ذريعي سان ڪرم ڪرڻ وارو بہ پهچي ٿو. تنهنڪري جو ٻنهي کي ڦل جي درشٽيءَ سان هڪ ڏسي ٿو، اُهو ئي يٿارٿ ڄاڻڻ وارو آهي، جڏهن ٻئي هڪ ئي آسٿان تي پهچن ٿا تہ نشڪام ڪرم وشيش (خاص) ڇو؟

सन्न्यासस्तु महाबाहो दुःखमाप्तुमयोगतः।
योगयुक्तो मुनिर्ब्रह्म नचिरेणाधिगच्छति।।६।।

شري ڪرشن ٻڌائين ٿا:
”سَنِياسَسِتوُ مهاباهو دُکماپتُمَيو گَتَھہ
يوگيڪِتو مُنِيرِبِرَهَمِ نَچِريٽا ڌِيگڇِتي (٦)

ارجن! نشڪام ڪرم يوگہ جو آچرڻ ڪرڻ بنا ”سنياس“ معنيٰ سڀ ڪجهہ کي گروي رکڻ ڏکدائي آهي. جڏهن يوگہ جو آچرڻ شروع ئي نہ ڪيو آهي تہ ناممڪن جهڙو آهي. تنهنڪري ڀڳوت سوروپ جو ويچار ڪرڻ وارو مُني، جنهنجون

من سان گڏ اندريون شانت آهن، نشڪام ڪرم يوگ جو وهنوار ڪري پار برهم پرماتما کي جلد ئي پراپت ٿي ٿو وڃي.

ظاهر آهي ته گيان يوگ ۽ نشڪام ڪرم يوگ جو ئي وهنوار ڪرڻو پوندو، ڇو جو ڪِريا ٻنهي ۾ هڪ ئي آهي، اُها ئي يگيه جي ڪريا جنهنجو شڏ ارٿ آهي '' آراڌنا''. ٻنهي رستن ۾ تفاوت صرف ڪرتا جي نظرئي جو آهي. هڪ پنهنجي شڪتيءَ کي سمجهي هاڃي لاڀ ڏسندي اِن ڪرم ۾ پرورت ٿيندو آهي ۽ ٻيو نشڪام ڪرم يوگي اِشٽ تي آسرو رکي انهي ڪِريا ۾ پرورت ٿئي ٿو. اُڌارڻ، درشٽانت، هڪ پرائيويٽ پڙهي ٿو، ٻيو نامينيٽ. ٻنهي جي پاٺيڪرم هڪ ئي آهي، پريڪشا هڪ آهي، امتحان وٺندڙ نريشڪ ٻنهي ۾ هڪ آهي. نيڪ اهڙي طرح ٻنهي جو سٽگرو تَتوَ درشي آهن ۽ ڊگري هڪ آهي. صرف ٻنهي جي پڙهڻ جو درشٽيڪوڻ جدا آهي. ها! سنسٿا ۾ وڃڻ واري شاگرد کي سهوليتون وڌيڪ آهن.

پوءِ شري ڪرشن چيو ته ڪام ۽ ڪروڌ ٻئي دشمن آهن، ارجن! انهن کي تون مار. ارجن کي لڳو ته هيءُ ته ڏاڍو مشڪل آهي. پر شري ڪرشن چيو نه ! شرير کان پري اندريون آهن، اندرين کان پري من آهي، من کان پري ٻُڌِي آهي. ٻُڌي کان پرِي تنهنجو سوروپ آهي. توکي اُتان ٿو اشارو اچي، شڪتي ملي. اهڙي طرح پنهنجي هستي سمجهي، پنهنجي شڪتيءَ کي سامهون رکي پاڻ تي ڀاڙيندڙ ٿي ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ گيان يوگ آهي. شري ڪرشن چيو هو، جت کِي ڌيان ۾ اسٽ ڪري ڪرمن کي مون ۾ سمرپڻ ڪري آشا، ممتا ۽ سنتاپ کان رهت ٿي يڌ ڪر، سمرپڻ سان گڏ اِسٽ تي سهارو رکي اُن ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ نشڪام ڪرم يوگ

آهي. ٻنهي جي ڪِريا هڪ آهي ۽ ڦل به هڪ آهي.

ان تي زور ڏيئي يوگيشور ڪرشن هتي چون ٿا ته يوگ جي وهنوار ڪرڻ ڪانسواءِ سنياس معنيٰ شيء اشيء ڪرمن جي انت پڇاڙيءَ جي استتي ڪا پراپت ٿيڻ ناممڪن آهي. شري ڪرشن جي انوسار اهڙو ڪوئي يوگ نه آهي جو هٺ تي هٺ رکي ويٺي ويٺي چوين ته، ”مان پرماتما آهيان، شڌ آهيان، ٻُڌُ آهيان، منهنجي لاءِ نه ته ڪرم آهي، نه ٻنڌن. مان پلو برو ڪجهه ڪندي ڏيکاري ڏيان به ٿو، ته ڪڏهن به نه آهي. ساکيات يوگيشور به پنهنجي انينيه متر ارجن کي بنا ڪرم جي هيءَ استتي ڏيئي نٿو سگهي. جيڪڏهن هو ائين ڪري سگهي ها ته گيتا جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي. ڪرم ته ڪرڻو ئي پوندو. ڪرم ڪري ئي سنياس جي استتي کي پائي ٿو سگهجي ۽ يوگ يڪت پرش، يوگ ۾ رتل پرش جلد ئي پرماتما کي پراپت ٿئي ٿو. يوگ ۾ رتل پرش جا لڪشڻ، نشانيون ڪهڙيون آهن؟ ان تي چون ٿا:

योगयुक्तो विशुद्धात्मा विजितात्मा जितेन्द्रियः।
सर्वभूतात्मभूतात्मा कुर्वन्नपि न लिप्यते।।७।।

”يوگَيُڪتو وِشُڌاتِما وِجيتاتِما جتيندرِيَهه
سَروَ ڀوتاتِمَڀوتاتِماڪُروِنَپي نهَ لِپيَتي (٧)

”وِجيتاتِما“ خاص روپ سان جيتيندڙ شرير جنهن جون ”جتيندرِيَهه“ جيتيل آهن اندريون جنهنجون ۽ ”وِشُڌاتِما“ پورو شڌ آهي، انتهڪرڻ جنهنجو، اهڙو پرش ”سَروَڀوُتاتِمِ ڀوُتاتِما“ سمپورڻ ڀوت پراڻين جو آتما جو مول ڪارڻ پرماتما سان هڪ ئي ڀاوَ ٿي يوگ ۾ يُڪت (رُڌل) آهي. اُهو ڪرم ڪندي به اُن سان لِپِت نٿو ٿئي. نه ڪري ڇو ٿو؟ پنيان وارن ۾ پرم ڪلياڻڪاري ڀڄن کي ڪنو ڪرڻ لاءِ. لِپت (ڦاسي) ڇو

نہ ٿو؟ چاڪاڻ تہ سمپورڻ پراڻين جو جيڪو مول بنياد آهي جنهنجو نالو پرم تَتوَ ۾ هو اسٿت ٿي ويو. ان جي اڳيان ڪائي وستو نہ آهي جنهنجو شوڌ ڪري معنيٰ صاف ڪري سنوار ڪري. پنيان رهيل وستو نہ ڏيون ٿي ويبون تہ ڀلا آسڪتي ، موهہ ڇا ۾ ڪري؟ اِن ڪري هو ڪرمن سان نہ گڏ آهي ۽ نہ گهيريل آهي. هيءَ يوگہ يڪت جي اؤج جو چترڻ آهي. وري يوگہ يڪت پرش جي رهڻي صاف ظاهر ڪن ٿا تہ هو ڪندي بہ اُن ۾ ڇنبڙن ڇو نٿا، ڦاسن ڇو نہ ٿا؟

नैव किञ्चित्करोमीति युक्तो मन्येत तत्त्ववित्।
पश्यञ्शृण्वन्स्पृशञ्जिघ्रन्नश्नन्गच्छन्स्वपञ्श्वसन्।।८।।

प्रलपन्विसृजन्गृह्णन्नुन्मिषन्निमिषन्नपि।
इन्द्रियाणीन्द्रियार्थेषु वर्तन्त इति धारयन्।।९।।

”نئيوَ ڪنچِتڪَروو ميتي يُڪتو مَنيَتي تَتوَ وِت
پَشيَنِشرَڻوَ نِسپَرِ شَنِجگهَنَ شرِنَنگَچِنسوَ پَچِشوَسَنِ “ (٨)

پرَلَپَنوَ نِسرَجَنِهڻنوُ نمَشَني مِشَنَپي
اِندرياڻي نِدرَيارٿيشوُ وَرتَنت اِت ڌارَيَنِ (٩)

پرم تَتوَ پرماتما کي ساکياتڪار سهت ڄاڻڻ وارو يوگہ يڪت پرش جي هيءَ من جي اسٿتي ،معنيٰ انيوتي آهي تہ مان ذري پرزي ماتر بہ ڪجهہ نٿو ڪريان. اها اُن جي ڪلپنا ناهي، بلڪ اها اسٿتي هن ڪرم ڪري پاتي آهي. جيئن بہ ”يُڪتو مَنيَتي“ هاڻي پراپتيءَ کان پوءِ هو سڀ ڪجهہ ڏسندي، ٻڌندي، ڇهندي، سنگهندي، يوڄن ڪندي، گ همندي، سمهندي، سواس کڻندي، ڳالهائيندي، تيا ڳہ ڪندي، گرهڻ ڪندي، اکين کي کوليندي ۽ ٻوٽيندي بہ

اندريون پنهنجي ڪمن ۾ ورتن ٿيون. اهڙي ڌارڻا وارو ٿيندو آهي. پرماتما کان مٿي ڪجهه آهي ئي ڪونه ۽ جڏهن اُن ۾ اِها استثي ئي آهي ته اُن کان وڌيڪ ڪهڙي سک جي ڪامنا سان هو ڪنهنجو سپرش وغيره ڪندو؟ جيڪڏهن ڪا سريشٺ وستو اڳيان هوندي ته آسڪت ضرور رهندي. پر پراپتيءَ کانپوءِ هاڻي وڌيڪ اڳيان ويندو ڪيڏانهن ۽ پنيان تياڳيندو ڇا؟ ان ڪري يوگ ۾ رتل پرش ڦاسي نٿو. هن کي هڪ اُڌارڻ جي ذريعي ظاهر ڪن ٿا، ٻڌائين ٿا:

ब्रह्मण्याधाय कर्माणि सङ्गं त्यक्त्वा करोति यः।
लिप्यते न स पापेन पद्मपत्रमिवाम्भसा।।१०।।

”برهمڻياڌايهَ ڪرماڻي سنگم تيڪتوا ڪروتي يَهه ا
لِپيَتي نه سَ پاپيئَ پدمپترمِوامڀسا ١١ (١٠)

ڪمل ڪيچڙ ۾ هوندو آهي. هنجا پتا پاڻيءَ کان مٿي ترن ٿا. لهرون رات ڏينهن هن جي مٿان گذرن ٿيون. پر توهين پتن کي ڏسو، سڪل ملندا. پاڻيءَ جي هڪ بوند به هن تي ٽڪي نٿي سگهي. ڪيچڙ ۽ جل ۾ رهندي به هو اُن سان چنبڙي نٿو. ٺيڪ اهڙي طرح، جو پرش سڀ ڪرمن کي پرماتما ۾ لين ڪري (ساکياتڪار سان گڏ ئي ڪرمن جو ملڻ، لين ٿيڻ ٿيندو آهي، ان کان پهرين نه) آسڪتي، موهه کي تياڳ ي (هاڻي اڳيان ڪا به وستو ڪونهي، هاڻي آسڪتي نٿي رهي، تنهنڪري آسڪتي تياڳي) ڪرم ڪري ٿو. توهان لوڪن لاءِ، سماج جي ڪلياڻ ساڌن جي لاءِ، پنيان وارن جي مارگدرشن جي لاءِ) ان تي زور ڏين ٿا:

कायेन मनसा बुद्धया केवलैरिन्द्रियैरपि।
योगिनः कर्म कुर्वन्ति सङ्गं त्यक्त्वात्मशुद्धये।।११।।

”ڪايينَ مَنَسا بُڌوا ڪيو لئيرِندرَيئي رَپي

يوڱنَهہ ڪَرمَ ڪُرِوَنِتِي سَنگَمِ تِيَڪِتوا تمِشُڌيي
(١١)

يوگي جن فقط اِندِرين، من، ٻڌي ۽ شرير دواران ٻہ آسڪتي تياڳي آتم شڌيءَ لاءِ ڪرم ڪندا آهن. جڏهن ڪرم برهم ۾ لين ٿي چڪا تہ ڇا هاڻي ٻہ آتما اشڌ ٿي آهي؟ نہ، هو ”سَرِوَ ڀوُتا تِمَڀوتاتما“ ٿي چڪا آهن. سمپورڻ پراڻين ۾ هو پنهنجي ئي آتما جو پسارو پائين ٿا. اُنهن سيني آتمائن جي شڌيءَ لاءِ هو سيني جو مارگہ درشن ڪرڻ لاءِ هو ڪرمن ۾ وَرتَنِ ٿا. شرير، من، ٻُڌي يا صرف اِندرين سان هو ڪرم ڪري ٿو، سوروپ سان هو ڪجهہ بہ نٿو ڪري، اسٿر آهي. ٻاهران هو ڪرم ڪندو ڏيکاري ڏئي ٿو، پر اندر هنجي بيحد شانتي آهي. نوڙي سڙي چڪي آهي، باقي آڪار آهي، جنهن سان هو ٻڌجي نٿو سگهي.

युक्तः कर्मफलं त्यक्त्वा शान्तिमाप्नोति नैष्ठिकीम्।
अयुक्तः कामकारेण फले सक्तो निबध्यते ।।१२।।

”يُڪتَهہ ڪَرمَڦلَمِ تِيَڪِتوا شانتِي ماپِنوتي نَئِيشِڪِيمِ
اَيُڪتَهہ ڪامَڪارينَ ڦَلي سَڪتو نِبَڌِيَتي (١٢)

”يوگہ يڪت“ معنيٰ يوگہ جي ڦل کي پراپت پرش، جيڪو سڀ پراڻين جي آتما جي مول پرماتما ۾ اسٿت آهي، اهڙو يوگي ڪرم جي ڦل کي تياڳي (ڪرمن جو ڦل پرماتما هن کان جدا ناهي تنهنڪري هاڻي ڪرم ڦل کي تياڳي) ”نَئيشِڪِيمِ شانتيماپنوتي“ شانتيءَ جي انتم اوسٿا کي پراپت ٿئي ٿو، اُن کان اڳيان ڪوئي شانتي باقي ڪونهي، جنهن کان پوءِ هو ڪڏهن بہ اشانت نٿو ٿئي. پر اَيڪت پرش، جيڪو يوگہ جي ڦل سان يُڪت نہ آهي، اڃا رستي ۾ آهي،

اهڙو پرش ڦل ۾ آسڪت ٿيل (ڦل آهي پرماتما، اُن ۾ هنجو آسڪت هئڻ ضروري آهي. تنهن ڪري ڦل ۾ آسڪت هئڻ تي بہ) ”ڪامَ ڪارڻ نِبَڌِيتي“ ڪامنا ڪري ٻڌجي ٿو وڃي ارٿات جيستائين پورن نہ ٿيو آهي، ڪامنائون جاڳرت هونديون آهن، تنهنڪري ساڌڪ کي پورو ٿيڻ لاءِ ساوڌان رهڻ گهرجي. مهاراج جي چوندا رهندا آهن ”هوا! تَنڪَئوُ اسين الڳہ، ڀڳوان الڳہ آهي تہ مايا ڪامياب ٿي سگهي ٿي.“ سياڻي پراپتي ٿيڻي هجي پر اڃ تہ هو اڳياني ئي آهي. تنهنڪري پورو ٿيڻ تائين ساڌڪ کي اساوڌان نہ ٿيڻ گهرجي. ان تي اڳيان ڏسون:

सर्वकर्माणि मनसा सन्न्यस्यास्ते सुखं वशी।
नवद्वारे पुरे देही नैव कुर्वन्न कारयन्।।१३।।

”سَرِوَڪَرِماڻي مَنَسا سَنِنِيَسِياسِتِي سُکَمِ وشي
نَوَدواري پُري ديهي نَئيِوَ کُرِوَنَ ڪارِيَنِ (۱۳)

جيڪو پوريءَ طرح پنهنجي وس ۾ آهي، جيڪو شرير، من ٻُڌي ۽ پرڪرتي کان پري پاڻ ۾ اسٿت آهي، اهڙو وس وارو پرش بنا شڪ نہ ڪجهہ ڪري ٿو ۽ نہ ڪرائي ٿو. ٻئي کان ڪرائڻ ۾ بہ هنجي اندرين شانتي جو ڇهڻ بہ نٿو ڪري سگهي. اهڙي سوروپ ۾ اسٿت پرش شبد وغيره وشين جو ڳ يان ڪرائڻ وارا نَوَ دوار (بہ ڪن، بہ اکيون، بہ ناسڪائن جا ڻنگہ، هڪ مُکُ هينيان عضوا پايوُ) وارا شرير روپي گهر ۾ سڀ ڪرمن کي من سان تياڳي سوروپ آنند ۾ ئي اسٿت رهي ٿو مطلب تہ هو نہ ڪجهہ ڪري ٿو ۽ نہ ڪرائي ٿو. ان کي وري شري ڪرشن ٻين لفظن ۾ چون ٿا تہ هو پريو نہ ڪري ٿو، نہ ڪرائي ٿو. سدگرو، ڀڳوان، پريو، سوروپ اسٿت مهاپرش، يڪت وغيره هڪ ٻئي جا سهايڪ آهن. الڳہ سان

ڪوئي ڀڳوان ڪجھہ ڪرڻ نٿو اچي. هو جڏهن ڪري ٿو نہ انهي سوروپست اِشٽ جي ذريعي سان ڪرائي ٿو. مهاپرش لاءِ شرير هڪ گهر سمان آهي. تنهنڪري پرماتما جو ڪرڻ ۽ مهاپرش جو ڪرڻ هڪ ئي ڳالهہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ هو اُنهن جا دئارا آهن. حقيقت ۾ اُهو پرش ڪندي بہ ڪجهہ نٿو ڪري هن تي اڳيون شلوڪ آهي:

नकुर्त्वं न कर्माणि लोकस्य सृजति प्रभु:।
न कर्मफलसंयोगं स्वभावस्तु प्रवर्तते।।१४।।

” نہ ڪَر تُوَمِ نہ ڪَرماڻي لوڪسيہ سِرِجَتِي پِرڀُوَهَہ
نہ ڪَرِمَڦَلَسَنيوگَمِ سِوَڀاوَسِتُوُ پِرَوَرِتَتِي (١۴)

اُهو پريو نہ يوت پراڻين جي ڪرتاپڻي ڪي، نہ ڪرمن کي ۽ نہ ڪرمن جي ڦلن جو سنبنڌ ئي ٺاهي ٿو، بلڪ سڀاوَ ۾ اسٿت پرڪرتي جي دٻاءَ جي انوسار ئي سڀ هلن ٿا. جيئن جنهنجي پرڪرتي ساتوڪ، راجسي يا تامسي آهي، انهي حساب سان هو وَرتڻ ڪري ٿو. پرڪرتي تہ وڏي آهي ليڪن توهان جي مٿان ايترو ئي اثر ڪري ٿي، جيترو توهانجو سڀاءُ ڦيرائڻ يا مٽائڻ وارو يا ٽڙڻ ۽ گهٽڻ وارو آهي.

گهڻو ڪري ماڻهو چوندا آهن تہ ڪرڻ ڪرائڻ وارو تہ ڀڳوان آهي، اسين تہ اوزار ئي آهيون. اسان کان ڀلو ڪرائي يا برو. پر يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا تہ نہ پريو پاڻ ڪري ٿو، نہ ڪرائي ٿو ۽ نہ وري ويجهو ئي وهي ٿو. ماڻهو پنهنجي سڀاءَ ۾ اسٿت پرڪرتيءَ جي انوسار وَرتي ٿو. پاڻ ڪاريہ ڪري ٿو. هو پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪن ٿا، ڀڳوان نٿو ڪري. تڏهن ماڻهو چون ڇو ٿا تہ ڀڳوان ٿو ڪري؟ ان تي يوگيشور ٻڌائين ٿا:

नादत्ते कस्यचित्पापं न चैव सुकृतं विभुः।
अज्ञानेनावृतं ज्ञानं तेन मुह्यन्ति जन्तवः।।१५।।

''ناڌتي ڪسيچتپاپم نہ چئيو سُڪرتم، وِڀُوُھ
اگيانيناوِرتم گيانم تين مُهيَنتي جَنتوَھ (١٥)

جنهن کي هاڻي پريو چيو، ان کي هتي وِڀُوُ (سناتن، ابدي قائم) چيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ سمپورڻ وئِڀَوَ (مانُ وڏائي، جس، شاهوڪاري روپ) سان مليل آهي. پريو ۽ وئِڀَوَ (مهما) سان مليل اُهو پرماتما نہ ڪنهنجي پاپ ڪرم کي ۽ نہ ڪنهنجي پڃ ڪرمن کي ئي گرهڻ ڪري ٿو، پوءِ بہ ماڻهو چون ڇو ٿا؟ ان ڪري جو اگيان دوارا گيان ڍڪيل آهي. اُنهن کي اڃا ساڪياتڪار سهت گيان تہ ٿيو ئي ڪونهي. هو اڃا جانور، جيت آهن. موهہ جي وس هو ڪجهہ بہ چئي ٿا سگهن. گيان سان ڇا ٿيندو؟ ان کي صاف ڪن ٿا:-

ज्ञानेन तु तदज्ञानं येषां नाशितमात्मनः।
तेषामादित्यवज्ज्ञानं प्रकाशयति तत्परम्।।१६।।

''گيانينَ تُوُ تَدَگيانَم ييشام ناشِتماتمَنَھ
تيشامادِتيَوَجگيانَم پرڪاشَيَتي تَتپَرَم (١٦)

جنهن جي انتهڪرڻ جو اهو اگيان (جنهن گيان کي ڍڪي رکيو هو) آتم ساڪياتڪار دوارا نشٽ ٿي ويو آهي ۽ ان پرڪار جنهن گيان پراپت ڪيو آهي، اُنجو اُهو گيان سورج وانگر پرم تَتوَ پرماتما کي پرڪاشت ڪري ٿو. تہ ڇا پرماتما ڪنهن انڌڪار جو نالو آهي؟ نہ، ''هو تہ سويم پرڪاش روپ ڏِنِ راتي'' سويم پرڪاش روپ آهي. آهي تہ سهين پر اسانجي يوڳڻ لاءِ تہ نہ آهي، ڏسڻ ۾ تہ نٿو اچي؟ جڏهن گيان دوارا اگيان جو پردو هٽي وڃي ٿو، تہ هنجو اهو گيان سورج وانگر پرماتما کي پاڻ ۾ ڌارا ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ هن پرش

لاءِ ڪٿي بہ انڌڪار نٿو رهي. اُن گيان جو سوروپ ڇا آهي؟

तद्बुद्धयस्तदात्मानस्तन्निष्ठास्तत्परायणाः।
गच्छन्त्यपुनरावृत्तिं ज्ञाननिर्धूतकल्मषाः।।१७।।

’’ تَدِ بُدّيِسٽدا تِماٿسَت نِنِشٺاسٽتپرايٽاھہ
گَڇنتِيَپُنَراوِر تيم گياٿنِرڌوتڪلِمَشاھہ (١٧)

جڏهن اُن پرم تَتوَ پرماتما سان صحيح تيار ٻُڌي هجي تَتوَ ڏانهن تيار ڌارا وارو من هجي، پرم تَتوَ پرماتما ۾ هڪ ڀاوَ سان اُنجي رهڻي هجي ۽ اوڏانهن ارپيل ۽ مائل هجي ، ان جو نالو گيان آهي. گيان ڪائي بڪواس يا بحث نہ آهي. هن گيان دواران پاپ کان رهت ٿيل پرش، وري راڳہ ۽ من کان رهت پرم گتيءَ کي پراپت ٿئي ٿو. پرم گتيءَ کي پراپت، پورڻ ڄاڻ سان رُڌل پرش ئي پنڊت چوائيندو آهي.

اڳيان ڏسون:

विद्याविनयसम्पन्ने ब्राह्मणे गवि हस्तिनि।
शुनि चैव श्वपाके च पण्डिताः समदर्शिनः।।१८।।

’’وِدِياوِنَيَسَمِپني براهمڻي گَوِي هَسِتَنِي
شني چئيوَ شِوَپاڪي چَہ پَنڊِتاھہ سَمَدَرشِنَھہ (١٨)

گيان کي دواران جنجو پاپ شانت ٿي چڪو آهي، جو ’’آپُناوَرتيِ پرم گت‘‘ کي پراپت آهن، اهڙا گياني جن وديا ونيُڪت براهمڻ ۽ چنڊال ۾، ڳانءِ ۽ ڪُتي ۾ توڙي هاٿيءَ ۾ سمان درشٽي وارا ٿيندا آهن. هن جي درشٽيءَ ۾ وديا ونييڪت برهمڻ نہ ڪائي خاص معنيٰ رکي ٿو ۽ نہ چنڊال ڪائي هيٺائي رکي ٿو. نہ ڳانءِ ڌرم آهي، نہ ڪتو اڌرم ۽ نہ هاٿيءَ جي وشالتا ئي رکي ٿو. اهڙا پنڊت، گياتا جَن سمدرشي ۽ سَمَورِتي ٿيندا آهن. اُنهن جي درشٽي چمڙيءَ تي ڪونہ رهندي آهي، بلڪ آتما تي پوندي آهي. فرق صرف ايترو

آهي، وديا ونيہ سمپن سوروپ جي ويجهو آهي ۽ ٻيا ٻچيل ڪجهہ پنيان آهن. ڪوئي هڪ منزل اڳي آهي، تہ ڪوئي پوئين پڙاوَ تي. شرير تہ وستر آهي. هنن جي درشٽي وستر کي مهتو نٿي ڏئي. بنا ڀيءُ (اَڀتو) هنن جي هردي ۾ اسٿت آتما تي پوي ٿي ان ڪري هو ڪوئي ڀيد نٿا رکن.

شري ڪرشن مليل گئو شيوا ڪئي هئي. هننکي ڳانءِ لاءِ فخر سان پورڻ شبد چوڻ ڪپندا هئا، پر هنن اهڙو ڪجهہ بہ نہ چيو. شري ڪرشن ڳانءِ کي ڌرم ۾ ڪو استان ڪونہ ڏنو فقط ايترو مجيائين تہ ٻين جيو آتمائن وانگر هيءَ بہ آتما آهي. هنجو ڌارمڪ وئششتيہ پد ماڻهن جي ڏين آهي. شري ڪرشن پوئي ٻڌايو تہ اوويڪي ماڻهن جي ٻُڌي اننت شاخائن واري ٿيندي آهي تنهنڪري هو گهڻين ڪريائن جو وستار ڪري ڇڏيندا آهن. ڏيکاءَ واري ۽ مٺي واڻيءَ ۾ هو هنکي ظاهر بہ ڪندا آهن. هنن جي واڻيءَ جي ڇاپ جنجي چت تي پوي ٿي، اُنهن جي ٻُڌِي بہ نشٽ ٿي وڃي ٿي. هو ڪجهہ پائين نٿا نشٽ ٿي وڃن ٿا. جڏهن تہ نشڪام ڪرم يوگ ۾ ارجن! مقرر ڪِريا هڪڙي ئي آهي. يگيہ جي پرڪريا ”آراڌنا“. ڳانءِ، ڪتي، هاٿي، پپر نديءَ جو ڌارمڪ مَهتو اُنهن اننت شاخا وارن جي ڏين آهي. جيڪڏهن انهن جو ڪو ڌارمڪ مَهتو هجي ها تہ شري ڪرشن ضرور چون ها. ها ! مندر، مسجد وغيره پوڄا جا آستان شروعاتي وقت ۾ ضرور آهن. اُتي اُتساهہ وارا گڏيل اُپديش آهن تہ اُنهنجي اُپيوگ يا ضرور آهي. اُهي ڌرم جي اُپديش جا سينٽر آهن.

ڏنل شلوڪ ۾ ٻن پنڊتن جي چرچا آهي. هڪ پنڊت تہ اُهو آهي جيڪو پورڻ گياتا آهي ۽ ٻيو اُهو جيڪو وديا ونيسمپڪ آهي. هو ٻہ ڪيئن؟ حقيقت هرهڪ درجي جون ٻہ حدون

ڏينديون آهن. هڪ تہ تمام وڌيڪ اوچي درجي واري ۽ ٻي اندر گهڙڻ جهڙي ڪارڻ جهڙي يا تمام نمرتا جي سيما. اُڏارڻ لاءِ تمام نمرتا واري سيما اُها آهي جتان ڀڳتي شروع ڪئي ويندي آهي، وويڪ، ويراڳہ ۽ لڳن سان گڏ جڏهن آراڌنا ڪن ٿا ۽ سڀ کان وڌيڪ سيما اُها آهي، جتي ڀڳتي پنهنجو ڦل ڏيڻ جي اسٿتيءَ ۾ هوندي آهي. نيڪ اهڙيءَ طرح براهمڻ جو درجو آهي. جڏهن برهم ۾ پرويش ڏيڻ واريون شڪتيون اچن ٿيون، اُن وقت وديا هوندي آهي، وينتي هوندي آهي، من تي ظابطو، اِندرِيُن کي روڪڻ، انيوي ڳالهين جو هلڻ، چرپر ٿيڻ، ڌاراواهڪ چنتن ۽ سماڌي وغيره برهم ۾ داخلا ڏيارڻ واريون سڀ يوگيتائون هنجي اندر ۾ سڀاويڪ ڪاريہ ۾ رڌل رهنديون آهن. اها برهمڻ جي تمام نمرتا واري سيما آهي. سڀ کان اوچي سيما تڏهن ٿي اچي، جڏهن سلسليوار اُنت ٿيندي ٿيندي هو برهم جو درشن ڪري اُن ۾ لين ٿي ويندو آهي. جنهن کي جاڻڻو هو، جاڻي ورتائين اُهو پورڻ گ ياتا آهي. تمام چاهہ ۽ وِرتِي وارو اهڙو مهاپرش اُن وديا ونيہ سمپن، برهمڻ، چنڊال، ڪتو، هاٿي ۽ گانءِ سيني تي سمان درشٽي رکڻ وارو ٿيندو آهي؛ چاڪاڻ تہ هنجي درشٽي هردي ۾ اسٿت آتم سروپ تي پوي ٿي. اهڙي مهاپرش کي پرم گتيءَ ۾ ڇا مليو آهي ۽ ڪيئن؟ ان تي پرڪاش وجهندي يوگيشور شري ڪرشن ٻڌائين ٿا:

इहैव तैर्जितः सर्गो येषां साम्ये स्थितं मनः।
निर्दोषं हि समं ब्रह्म तस्माद्ब्रह्मणि ते स्थिताः॥१९॥

''اِهَئيوَ تئيرجِتَهہ يِيشاں سامِيي اِستِتَمِ مَنَهہ ا
نِرِدوشَمِ هِي سَمَمِ تَسماد بِرَهمِڻي تي اِستِتاهہ اا (١٩)
اُنهن پرشن دواران جيوت اوستا ۾ ئي سمپورڻ سنسار

جيتيو ويو آهي، جنهنجو من سَمَتوَ ۾ اسٿت آهي. من جي سَمَتوَ جو سنسار جيتڻ سان ڪهڙو سنبنڌ؟ سنسار مٿجي ويو، تہ اهو پرش رهيو ڪٿي؟ شري ڪرشن چون ٿا ''نردوش هي سَمَمِ برَهمِ'' هو برهمڻ نرودش ۽ سمتا وارو آهي، هيڏانهن هنجو من بہ نردوش ۽ سَمَ اسٿتي وارو ٿي ويو. ''تسِماد بِرَهمَڻي تي استتاهہ'' تنهنڪري هو برهم ۾ اسٿت ٿي ٿو وڃي. ان جو نالو اَپُنَرا وَرتِي پرگتي آهي. اهو ڪڏهن ٿو ملي؟ جڏهن سنسار روپي شترو جيتڻ اچي وڃن. سنسار ڪڏهن جيتڻ ۾ ايندو آهي؟ جڏهن من جو نرودڌ ٿي وڃي، سم ڀاوَ ۾ پرويش پائي وڃي. (ڇو جو من جو پرسار ئي جڳت آهي.جڏهن اُهو برهم ۾ اسٿت ٿي وڃي ٿو تڏهن برهم وِدِ جا لڪشڻ ڪهڙا آهن؟ اُن جي رهڻيءَ کي ظاهر ٿا ڪن.

न प्रहृष्येत्प्रियं प्राप्य नोद्विजेत्प्राप्य चाप्रियम्।
स्थिरबुद्धिरसम्मूढो ब्रह्मविद् ब्रह्मणि स्थितः।।२०।।

''نَہ پرَهرِشيو تِپرَيَمِ پراپيہَ نودِوَجيتِپرايہَ چا پرِيَمِ
اِسٿرَ بُڌيرَ سَمِ موُڙهو يي بِرَهمَوِدِ بِرَهماڻي اِستتهہ (٢٠)

هنجو ڪو پريہ اَپريہ ٿيندو ڪونهي، تنهنڪري جنهن کي ماڻهو پريہ سمجهن ٿا. اُنکي پائي هو خوش نٿا ٿين ۽ جنهنکي ماڻهو اپريہ سمجهن ٿا (جيئن ڏرماولمبي نشان لڳائين ٿا) اُنکي پائي هو دکي نہ ٿيندو آهي اهڙو استر بُڌي، ''اَسَمِموُڙهہ'' پرم سنسي کان رهت ، ''برهمودِ'' برهم سان مليل برهم ويتا ''بِرَهمَڻي استتهہ'' اهڙو اُتم ۽ بهترين برهم ۾ سدائين اسٿت آهي.

बाह्यस्पर्शेष्वसक्तात्मा विन्दत्यात्मनि यत्सुखम्।
स ब्रह्मयोगयुक्तात्मा सुखमक्षयमश्नुते।।२१।।

''باهِيَسِپرشيشوَ سَڪتاتما وِندَتِياتِمَني يَتِسُکَمِ

سَ برهميوگہ يڪتاتما سُکمَکشيَمَشنُتي (٢١)

ٻاهر سنسار جي وشيہ ڀوڳن ۾ انا آسڪت (نرموهي) پرش انتر آتما ۾ استت جو سکہ آهي، ان سکہ کي پراپت ٿئي ٿو. اُهو پرش ”بِرَهمَيوگيُڪتاتما“ پر برهم پرماتما سان ساٿ ميلاپ سان يڪت آتما وارو آهي تنهنڪري اکشيہ آنند جو انڀؤ ڪري ٿو، جنهن آنند جو ڪڏهن ناس نٿو ٿئي. ان آنند جو اُپيوگہ ڪير ڪري سگهندو؟ جو ٻاهر جي وشيہ ڀوڳن کان اناسڪت (بنا موهہ) هوندو، تہ ڇا ڀوڳہ رڪاوٽ آهن؟

ये हि संस्पर्शजा भोगा दु:खयोनय एव ते।
आद्यन्तवन्त: कौन्तेय न तेषु रमते बुध:।।२२।।

” يي هِي سَنِسپَرِشَجا ڀوگا دُ:کَيونَيہ ايوَ تي
آدِيِنتونِتَهہ ڪؤنتييہ نہَ تيشوُ رَمَتي بُڌَهہ (٢٢)

صرف چمڙي ئي نہ پر سڀ اِندِريون سپرش ڪن ٿيون. ڏسڻ اکين جو سپرش آهي، ٻُڌڻ ڪنن جو سپرش آهي. اهڙي طرح اندرين ۽ وشين جي سنيوگہ مان اُتپن ٿيڻ وارا سڀ ڀوڳ ہ جيتوڻيڪ ڀوڳڻ ۾ پيارا پرتيت ٿين ٿا. پر بنا شڪ اُهي سڀ ”دُ:کيونَيَهہ“ دکہ وارين جوڻين جو ئي ڪارڻ آهن. ايترو ئي نہ، اهي ڀوڳہ پيدا هئڻ ۽ مٽائڻ وارا آهن، ناسونت آهن. انڪري ڪوئَنتييہ! وويڪي پرش اُنهن ۾ نٿا ڦاسن. اندرين جي انهن ڇهڻ ۾ سپرش ۾ رهندو ڇا آهي؟ ڪام ۽ ڪروڌ، راڳہ ۽ دويش. ان تي شري ڪرشن چون ٿا:-

शक़ोतीहैव य: सोढुं प्राक्शरीरविमोक्षणात्।
कामक्रोधोद्भवं वेगं स युक्त: स सुखी नर:।।२३।।

”شَڪنوتيهئيوَ يَهہ سوڙهوُمِ پراڪشرير وِموکشٽاتِ
ڪام ڪِروڌو دِڀَوَمِ وِيگَمِ سَ يُڪتَهہ سَ سُکي نَرَهہ (٢٣)

تنهن ڪري جو منش شرير جي ناس ٿيڻ کان پهرين ئي

ڪام ۽ ڪروڌ کان اتپن ٿيل ڇوهہ کي سهن ڪرڻ ۾ (متائي ڇڏڻ ۾) هوشيار آهي، اُهو ماڻهو يڪتڪڻ وارو نہ آهي. اُهو هن لوڪ ۾ يوگہ ۾ رتل آهي ۽ اُهوئي سکي آهي. جنهن جي پنيان دکہ نہ آهي، ان سکہ ۾ معنيٰ پرماتما ۾ اسٿتي وارو آهي. جيئري ئي اُنجي پراپتي جي ريت آهي، مرڻ کان پوءِ نہ. سنت ڪبير ان کي صاف ظاهر ڪيو آهي.''اوڌوُ ! جيوت ۾ ڪر آسا'' تہ ڇا مرڻ کان پوءِ مڪتي نتي ٿئي؟ هو چون ٿا، ''مُئي مُڪتي گرو ڪهي سوارٿي، جهوٺا دي وشواسا!'' اهوئي يوگيشور شري ڪرشن جو چوڻ آهي تہ شرير هوندي، مرڻ کان پهرين جو ڪام ڪروڌ جي ويگہ (رفتار) کي متائڻ ۾ تيار ٿي ويو، اهوئي پرش هن لوڪ ۾ يوگي آهي، اُهو ئي سکي آهي. ڪام ، ڪروڌ باهريان سپرش ئي شترو آهن. انهن کي توهين جيتيو اُنهي پرش جا لڪشڻ وري بڌائي رهيا آهن.

योऽन्तःसुखोऽन्तरारामस्तथान्तज्योंतिरेव यः।
स योगी ब्रह्मनिर्वाणं ब्रह्मभूतोऽधिगच्छति।।२४।।

''يونِتَہ سُکونِتَ را رامِستَٿانِتَجيورِ تِرئوَ يَہ ا
سَ يوگي بِرَهَمَنِوارَڻِمِ برهم ڀوُتو ڌِ گَڇِتي ।।'' (٢٣)

جو ويڪتي انتر آتما ۾ ئي آرام وارو ۽ جو انتر آتما ۾ ئي پرڪاش وارو (ساکياتڪار وارو) آهي اُهو يوگي ''برهم ڀوُت''. برهم سان هڪ ٿي ''برهمنوارڻم'' واٽيءَ کان پري برهم، شڌ برهم کي پراپت ٿئي ٿو. ارٿات پهرين وڪارن (ڪام ڪروڌ) جو انت، پوءِ درشن، وري پرويش. اڳيان ڏسون:

लभन्ते ब्रह्मनिर्वाणमृषयः क्षीणकल्मषाः।
छिन्नद्वैधा यतात्मानः सर्वभूतहिते रताः।।२५।।

''لَڀَنتي بِرَهَمَنِرواڻَمِرِشَيَہ ڪِشيڻڪلِمَشاهہ

ڇِنَندَڌئيِوڌا يَتَاتِمانَهہ سَرِوَڀوُتَهِتي رَتاهہ (٢٥)

پرماتما جو ساڪياتڪار ڪري جن جا پاپ نشٽ ٿي ويا آهن، جنهنجون تڪليفون نشٽ ٿي ويون آهن. سمپورڻ پراڻين جي ڀلي ۾ جيڪي لڳا پيا آهن (پراپت ٿيڻ وارا ئي ائين ڪري سگهندا آهن. جو پاڻ ڪڏي ۾ پيو آهي، اُهو ٻين کي ڇا ٻاهر ڪڍندو؟ تنهنڪري ڪروڻا، ديا مهاپرش جو سڀاويڪ گڻ ٿي ويندو آهي) تيئن ''يتاتِمَنَهہ'' جيتڻ وارا برهم ويتا پرش شانت پاربرهم کي پراپت ٿيندا آهن. اُن مهاپرش جي اسٿتي تي وري روشني وجهن ٿا.

कामक्रोधवियुक्तानां यतीनां यतचेतसाम्।
अभितो ब्रह्मनिर्वाणं वर्तते विदितात्मनाम्।।२६।।

''ڪامَ ڪِروڌوِيُڪتانامِ يَتيِنامِ يَتَچيتَسامِ
اَڀيتو ٻرَ هَمَنِرِ واڻَمِ وَرِتَتي وِدِتاتِمَنامِ (٢٦)

ڪام ۽ ڪروڌ کان رهت، جيتيل چت وارا پرماتما جو ساڪياتڪار ڪيل گياني پرشن جي لاءِ سڀ طرف کان شانت پار برهم ئي پراپت آهي. وري وري يوگيشور شري ڪرشن اُن پرش جي رهڻيءَ تي زور ڏيئي رهيا آهن، جنهن مان جذبو ملي، اُچل ملي. سوال لڳہ ڀڳہ پورو ٿيو. هو وري زور ڏيئي رهيا آهن تہ ان اسٿتي کي پراپت ڪرڻ جو ضروري انگہ ''سواس پَساهہ جو چِنتن'' آهي. يگيہ جي پرڪريا ۾ پراڻ جو اپان ۾ هَوَن، اَپان جو پراڻ ۾ هَوَن، پراڻ ۽ اپان ٻنهي جي رفتار جو نروڌ هنن ٻڌايو هو. اُن کي سمجهائي رهيا آهن.

स्पर्शान्कृत्वा बहिर्बाह्यांश्चक्षुश्चैवान्तरे भ्रुवोः।
प्राणापानौ समौ कृत्वा नासाभ्यन्तरचारिणी।।२७।।
यतेन्द्रियमनोबुद्धिर्मुनिर्मोक्षपरायणः।

विगतेच्छाभयक्रोधो यः सदा मुक्त एव सः॥२८॥

’’سِپَرِشانِڪرِتوا بَهِرِ باهيامِشِچَڪِشوُ شِچئِيوَ وانتري ڀِرُووهَہ

ڀِراڻاپاَنَئوُ سَمَئوُڪرِتوا ناساڀِيَنِتَرَ چارِڻئوُ (٢٧)

يَتيِنِدرِيَمَنو بُڌيِرِ مُنيرِ موڪشپَرايَڻَهَہ

وِگتِي ڇڇاڀِيَہ ڪروڌو يَهَہ سدا مڪت ايوَ سَهَہ (٢٨)

ارجن! ٻاهر جي وشين ، نظارن جو چنتن نہ ڪندي، اُنهن کي تياڳي نيترن جي درشٽيءَ کي ڀرڪٽيءَ جي وچ ۾ استر ڪري ’’ڀِرُووهَہ انتري‘‘ جو اهڙو ارٿ نہ آهي تہ اکين جي وچ ۾ يا ڀرُن جي وچ ۾ ڪٿي ڏسڻ جي ڀاونا سان درشٽي لڳائين. ڀِرڪُٽيءَ جي وچ جو شڌ ارٿ ايترو ئي آهي تہ سڌو اڳيان پوي. ساڄي ڏائي، هِتي هُتي چڪ پڪ نہ ڏسي. نڪ جي ٽوٽي تي سِڌي درشٽي رکندي (ڪٿي نڪ ئي نہ ڏسڻ لڳي، ناسڪاجي اندر گهمندڙ، وچرڻ ڪرڻ وارا پراڻ ۽ اَپان وايو کي هڪ ڪري ارٿات درشٽي تہ اُتي استر ڪريون ۽ سُرِت کي سواس ۾ لڳائي ڇڏيون تہ ڪڏهن سواس اندر ويو، ڪيترو رُڪيو؟ (لڳ ڀڳ اڌ سيڪنڊ روڪجندي آهي، ڪوشش ڪري نہ روڪيون) ڪڏهن سواس ٻاهر نڪتو؟ ڪيتري دير ٻاهر رهي؟ چوڻ جي ضرورت ڪونهي تہ سواس ۾ اُٿڻ واري نام ڌني ٻڌڻ ۾ ايندي رهندي. ان طرح سواس پساه تي جڏهن سُرِت ٽڪندي تہ ڏيري ڏيري سواس اچل، استر بيهي رهندو، سَمَ ٿي ويندو نہ اندران سنڪلپ اُٿندو نہ ٻاهريون سنڪلپ اندر ٽڪراءَ ڪري سگهندا. ٻاهر جي ڀوڳن جو چنتن تہ ٻاهرئي تياڳيو ويو آهي. اندر بہ سنڪلپ ڪونہ جاڳرت ٿيندو. سُرِت هڪدم ڪڙي ٿي ويندي آهي، تيل جي ڌارا وانگر. تيل جي ڌارا پاڻيءَ وانگر ٽپ ٽپ نٿي ڪِري، جيسٽائين ڪرندي. ڌارا ئي ڪِرندي. ان طرح پراڻ ۽ اَپان

جي گتي هڪدم سَمِ، استر ڪري اِندريون، من ۽ ٻُڌي کي جنهن جيتي ورتو آهي، اِڇا، ڀَءُ ۽ ڪروڌ کان رهت، منن ڪرڻ جي چرم سيما تي پهتل موڪش پرايڻ مُنيِ سدا ''مڪت'' ئي آهي. مڪت ٿي هو ڪيڏانهن ويندو آهي؟ ڇا حاصل ڪندو آهي؟ ان تي چون ٿا :-

भोक्तारं यज्ञतपसां सर्वलोकमहेश्वरम्।
सुहृदं सर्वभूतानां ज्ञात्वा मां शान्तिमृच्छति।।२९।।

''ڀوڪتا رَمِ يَڳيَہ تَپَساِمِ سَرِوَلوڪمهيشوَرَمِ
سُهرِدَمِ سَرِوَڀوُتانامِ گياتِوامامِ شانتيمِرِڇَتي (٢٩)

اُهو مڪت پرش مونکي يڳيہ ۽ تپن جي ڀوڳڻ وارو سمپورڻ لوڪن جو ايشورن جو بہ ايشور، سڀني پراڻين جو سوارٿ رهت پلي ڪرڻ وارو، اهڙو ساڪيات ڄاڻي شانتي پراپت هوندو آهي. شري ڪرشن چون ٿا تہ اُن پرش سواس ۽ پساهہ جي يڳيہ ۽ تپ جو ڀوڳتا مان آهيان. يڳيہ ۽ تپ اَنت ۾ جنهن ۾ لين ٿين ٿا، اُهو مان آهيان. هو مونکي پراپت ٿئي ٿو. يڳيہ جي پڇاڙيءَ ۾ جنهنجو نالو شانتي آهي، اُهو منهنجو ئي سوروپ آهي. هو مڪت پرش مونکي ڄاڻي ٿو ۽ ڄاڻندي ئي مونکي پراپت ٿي ٿو وڃي. ان جو نالو شانتي آهي. جيئن مان ايشورن جو بہ ايشور آهيان، ائين هو بہ آهي.

تاتپرج :-

هن اڌياءَ جي شروعات ۾ ارجن سوال ڪيو هو تہ، ڪڏهن تہ توهين نشڪام ڪرم يوگ جي ساراهہ ٿا ڪريو ۽ ڪڏهن توهين سنياس مارگہ سان ڪرم ڪرڻ جي ساراهہ ٿا ڪريو. هاڻي هڪ جو، جو توهان بهترين شيِ نشڇو

ڪيو هجي، پرم ڪلياڻڪاري هجي، اهو چئو شري ڪرشن ٻڌايو:- ارجن! پرم ڪلياڻ تہ ٻنهي ۾ آهي. ٻنهي ۾ اُها ئي مقرر يگيہ جي ڪِريا ئي ڪئي ويندي آهي. پوءِ بہ نشڪام ڪرم يوگہ خاص آهي. بنا هن ڪرڻ جي سنياس (شڀ اشڀ ڪرمن جو انت) نٿو ٿئي. سنياس مارگہ ڪونهي، منزل جو نالو آهي. يوگہ ۾ يُڪت پورن ئي سنياسي آهي. يوگہ يکت جا لڪشڻ ٻڌايا ڪِ اُهو ئي پريو آهي. هو نہ ڪري ٿو ، نہ ڪجهہ ڪرائي ٿو بلڪ سڀاءَ ۾ پرڪرتي جي دٻاءَ ڪري ماڻهو اُن وڏندڙ ڪم ۾ رُڌل آهن. جو ساڪيات مونکي ڄاڻي وٺي ٿو، اُهوئي گياتا آهي، اُهو ئي پنڊت آهي. يگيہ جي ڦل ۾ ماڻهو مونکي ڄاڻن ٿا. سواس، پساهہ جو جپ ۽ يگيہ تپ جنهن ۾ لين ٿين ٿا، مان ئي آهيان. يگيہ جي ڦل سوروپ مونکي ڄاڻي هو جنهن شانتي کي پراپت ڪن ٿا، اُهو بہ مان ئي آهيان معنيٰ شري ڪرشن جهڙو، مهاپرش جهڙو سوروپ اُن پراپت ڪرڻ واري کي بہ ملي ٿو. هو بہ ايشورن جو ايشور آتم سوروپ ميہ ٿي وڃي ٿو، اُن پرماتما سان گڏ هڪ ٿياوُ پائي وٺي ٿو. (هڪ ٿيڻ ۾ چاهي ڪيترا بہ جنم لڳن). هن اڌياءَ ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ يگيہ تپن جو ڀوڳ تا، مهاپرشن جي بہ اندر رهڻ واري شڪتي مهيشور آهي، هاڻي

اوم تتِسَدِتي شريمد ڀَڳَوَدِ گيتا سوُ پَنِشَدَسوُ برهم وديايام يوگشاستري شري ڪرشن ارجن سموادي يگيہ ڀوڪتا مهاپرش سِتَمهيشوِرَهہ نام

ڀنچمودڌيايَھہ ॥١٥॥

اِن طرح شريمد ڀڳودگيتا روپي اُپَنِشد ۽ يڳيہ يوڳتا مهاپرش مهيشورنامڪ پنجون اڌياءُ پورو ٿيو.

اِتي شريمدِ پرم هنس پرمانندسيہ شِشيَہ سوامي اڌڳڙانندڪرِتي شريمد ڀڳودِ گيتاياهہ ”يٿارٿ گ يتا“ ڀاشي گيان يوڪتا مهاپرش سِٿہِ مهيشور نام پنچمو ڌيايَهہ ॥١٥॥

॥هري اوم تت سَت॥